SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXI مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 2002

سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FOURTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVII جي دفعه 111 جي ترميم
Amendment of section 111 of Sindh Ordinance XXVII of 2001

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي ٻئي شيڊول جي ترميم
Amendment of Second Schedule of Sindh Ordinance XXVI of 2001

سنڌ آرڊيننس نمبر XXI مجريہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 2002

سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FOURTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[28 جون 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس 2001 ۾ جنهن کي هن ڪانپوءِ به ڇاڙايو آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 111 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظ "ڪاتيوار" ۽ لفظ "جيئن" وچ ۾ لفظ ۽ ڪامائون "، سواءِ يوٽيلٽيز جي." شامل ڪيا ويندا.

2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVII جي دفعہ 111 جي ترميم

Amendment of section 111 of Sindh Ordinance XXVII of 2001

3. ڇاڙايل آرڊيننس جي ٻئي شيڊول ۾:

2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي ٻئي شيڊول جي ترميم

Amendment of Second Schedule of Sindh Ordinance XXVI of 2001

(i) حصي II ۾، جريان نمبر 10 ڪانپوءِ، هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

"11. مال پڙي جانورن جي وڪري تي فيي."

(ii) حصي III ۾ جريان نمبر 2 ۾ اندراج کي ختم ڪيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي